# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1976
# SINDH ACT NO.VII OF 1976
# سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976
# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) ACT, 1976
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. وصفون
Definitions

3. بورڊ جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the Board

4. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

5. بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو
Chief Executive of the Board

6. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

7. بورڊ جا عملدار ۽ ملازم
Officers and employees of the Board

8. فنڊ

Fund

9. فنڊ جو استعمال

Utilization of fund

10. بجيٽ

Budget

11. اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

12. بورڊ جا ڪم

Functions of the Board

13. لائسنس ڪانسواءِ يتيم خانو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ ڪان منع

Prohibition to establish or continue an orphanage without license

14. لائسنس لاءِ درخواست

Application for license

15. يتيم خاني جو قيام ۽ جاري رکڻ

Establishment and continuance of orphanage

16. لائسنس ختم ڪرڻ

Removal of license

17. اپيل

Appeal

18. مردن ۽ عورتن لاءِ يتيم خانا

Orphanages for males and female

19. لائسنس رد ڪرڻ کي ملتوي ڪرڻ

Suspension of cancellation of license

20. يتيمن جو ميڊيڪل معائنو

Medical Examination of orphans

21. يتيمن جي داخلا ۽ نيڪال

Admission and discharge of orphans

22. پنڻ کان بچاءُ

Prevention of begging

23. يتيم خاني جي جاچ پڙتال

Inspection of orphanage

24. اڪائونٽس جي مرمت ۽ جاچ پڙتال

Maintenance and inspection of Accounts

25. ڏنڊ

Penalties

26. قائدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

27. منسوخي

Repeal

28. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1976 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance II of 1976

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1976
# SINDH ACT NO.VII OF 1976
## سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976
## THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) ACT, 1976

[15 اپريل 1976]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ۾ يتيم خانن جي نظرداري ۽ ڪم ۽ ضابطي لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ۾ يتيم خانن جي نظرداري ۽ ڪم ۽ ضابطي لاءِ هڪ بورڊ قائم جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 سڏيو ويندو.

(2)اهو اهڙي تاريخ تي لاڳو ٿيندو، جيئن ان سلسلي ۾ حڪومت مقرر ڪري.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين مفهوم ڪجھ ٻيو طلب ڪري:

(a)"ايجنسي" مطلب والنٽري سوشل ويلفيئر ايجنسيز (رجسٽريشن ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1961 تحت رجسٽرڊ ڪا والنٽري سوشل ويلفيئر ايجنسي؛

(b)"بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(c)"بجيٽ" مطلب بورڊ جي ساليانی ڪمائي ۽ خرچ جو سرڪاري اسٽيٽمينٽ؛

(e)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f)"فنڊ" مطلب دفعہ 8 تحت جوڙيل سنڌ يتيم خانا فنڊ؛
(g)"لائسنسي" مطلب ڪو شخص يا ايجنسي جنهن کي هن ايڪٽ تحت لائسنس جاري ڪيو ويو هجي؛
(h)"لائسنس ڏيندڙ اختياري" مطلب سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ يا چيئرمين طرفان نامزد ڪيل ڪو ٻيو شخص؛
(i)"ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛
(j)"يتيم" مطلب ارڙهن سالن کان گهٽ عمر جو ڪو ٻار:
(i)جنهن هڪ يا ٻئي والدين وڃايا آهن ۽ وٽس ڪمائي جو ڪو جوڳو ذريعو ناهي؛ يا
(ii)جنهن جا والدين غريب آهن؛ يا
(iii)جنهن کي ان جي والدين ڪڏي ڇڏيو هجي؛ يا
(iv)جنهن جي والدين جي خبر نہ هجي؛ يا
(v)جنهن جي والدين جي معلومات نہ هجي؛
(k)"يتيم خانو" مطلب هڪ جڳهہ يا ادارو جيڪو يتيمن حاصل ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لاءِ استعمال ٿيندو هجي؛
(l)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛
(m)"سيڪريٽري" مطلب بورڊ جو سيڪريٽري؛
(n)"قائدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قائدا.

**بورڊ جو قيام ۽ هيئت**
**Establishment and incorporation of the Board**

3.(1) هڪ ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سنڌ يتيم خانا نظرداري ۽ ضابطو بورڊ سڏيو ويندو.
(2)بورڊ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائش تحت حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو

ٻنهي قسم جي متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري ۽ رکي سگهندو ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ مٿس ڪيس ٿي سگهندو.

(3)بورڊ جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا يا اهڙي ٻئي هنڌ تي جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪري.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

4.(1)بورڊ مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (a)سوشل ويلفيئر وارو وزير | چيئرمين |
| (b)سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري | ميمبر / سيڪريٽري |
| (c)اسيمبلي طرفان چونڊيل صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٽي ميمبر | ميمبرز |
| (d)اهڙا ٻيا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبر جيڪي ستن کان وڌيڪ نه هجن، جيئن چيئرمين نامزد ڪري. | |

(2)بورڊ فلنٿراپسٽس منجهان ميمبر چونڊي سگهي ٿو جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا.

(3)غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، جيستائين اهو چيئرمين کي خط ذريعي استعيفيٰ نه ڏئي يا اڳ ۾ هٽايو نه وڃي، جنهن جو سبب چيئرمين طرفان لکت ۾ رڪارڊ ڪيو ويندو.

بشرطيڪ اهو ته صوبائي اسيمبلي طرفان چونڊيل ميمبر:

(a)اسيمبلي ڪانسواءِ نه هٽايو ويندو؛

(b)ميمبر اسيمبلي جو ميمبر نه رهڻ جي صورت ۾ ميمبر نه رهندو.

(4)غير سرڪاري ميمبر جي عارضي آسامي ذيلي دفعه (1) ۽

ذيلي دفعہ (2) تحت پري ويندي ۽ اهڙو ميمبر اهڙي آسامي تي رهيل مدي تائين رهندو.

(5)ڪو بہ سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو تيستائين جيستائين چيئرمين طرفان ان کان اڳ ٻيو سرڪاري ميمبر تبديل نہ ڪيو وڃي.

بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو
Chief Executive of the Board

5. سيڪريٽري بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

6.(1) بورڊ جي گڏجاڻين جي صدارت چيئرمين ڪندو.

(2)بورڊ جي ڪارروائي جو ڪو بہ قدم بورڊ ۾ آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ نقص سبب غير موثر نہ ٿيندو.

(3) بورڊ اهڙي هنڌ ۽ اهڙي وقت تي ۽ اهڙيءَ ريت گڏجاڻي ڪندو جيئن چيئرمين طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

بورڊ جا عملدار ۽ ملازم
Officers and employees of the Board

7. (1) بورڊ پنهنجي ڪمن جي بهتر انجام ڏيڻ يا اختيارن استعمال ڪرڻ جي مقصد لاءِ اهڙا عملدار ۽ ملازم اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جيڪي اهڙي قابليت رکندڙ هجن جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ هن دفعہ تحت ملازمت جا شرط ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت طئي ڪيا ويندا جيڪي سرڪاري ملازمن جي ملازمت لاءِ شرط ۽ ضابطا هوندا.

(2)بورڊ رهيل قاعدا جوڙڻ لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت، جيئن اهو طئي ڪري، ايدهاڪ بنيادن تي ڪنهن ملازم کي مقرر ڪري سگهي ٿو.

(3)ذيلي دفعہ (1) ۽ (2) تحت مقرر ڪيل عملدار ۽ عملو:

(a)اهڙيون ذميواريون ۽ اختيار بورڊ طرفان سونپي سگهجن ٿا، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(b)چيئرمين جي ضابطي ۽ نظرداري هيٺ ڪم ڪندا؛

(c)اهڙي انتظامي قدم جا مستحق هوندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4)بورڊ جا ملازم پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 جي مقصد تحت پبلڪ سرونٽس سمجهيا ويندا.

فنڊ
Fund

8.(1) بورڊ جو هڪ فنڊ هوندو، جنهن کي سنڌ يتيم خانا فنڊ سڏيو ويندو.

(2)فنڊ مشتمل هوندو:

(a)حڪومت طرفان گرانٽس؛

(b)عطين ۽ ٻين چندن مان جمع ڪيل رقم؛

(c)هن ايڪٽ تحت في طور وصول ڪيل ۽ جمع ڪيل رقم؛

(d)وفاقي حڪومت، ڪنهن عالمي ايجنسي يا ڪنهن ٻي ڊونر ايجنسي طرفان حاصل ڪيل رقم؛ ۽

(e)فنڊ جي سيڙپڪارين مان حاصل ٿيندڙ رقم.

(3) بورڊ ڪنهن وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي سڪيورٽي يا ڪنهن ٻي سڪيورٽي ۾ فنڊ سيڙائي سگهي ٿو، اهڙي طريقي جيئن چيئرمين منظوري ڏني هجي.

(4) بورڊ حڪومت يا ڪنهن بئنڪ کان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت قرض حاصل ڪري سگهي ٿو جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

فنڊ جو استعمال
Utilization of

9.(1)بورڊ فنڊ استعمال ڪري سگهي ٿو:

(a)هن ايڪٽ تحت پنهنجي ڪمن جي ادائگي لاءِ بشمول

بورڊ جي عملدارن ۽ ملازمن جي پگهارن ۽ ٻين الائونسز جي؛ fund

(b)قرض جي ٻيهر ادائگي لاءِ؛

(c)يتيم خانن کي مالي امداد ڏيڻ لاءِ ۽

(d)ٻيا سمورا خرچ جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد ماڻڻ لاءِ گهربل هجن.

(2) بورڊ هڪ حد طئي ڪندو، جنهن کان مٿي فنڊ مان رقم ڪيڙائڻ جو اختيار سيڪريٽري وٽ هوندو، پنهنجي تحويل ۾ رکي سگهندو ۽ خرچ ڪري سگهندو.

**بجيٽ Budget**

10.(1) بورڊ هر مالي سال جي ڪٿيل وصولين ۽ خرچ جو اسٽيٽمينٽ تيار ڪندو ۽ اهڙو اسٽيٽمينٽ اهڙي مالي سال جي شروعات کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا اڳ حڪومت کي منظوري لاءِ پيش ڪندو.

(2)حڪومت ذيلي دفعہ (1) تحت پيش ڪيل بجيٽ تبديلين سان يان تبديلين کانسواءِ منظور ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(3)بورڊ حڪومت جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ جاري ڪيل بجيٽ کان وڌيڪ خرچ نہ ڪندو.

**اڪائونٽس ۽ آڊٽ Accounts and Audit**

11. (1) بورڊ جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت سنڀاليا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت مڪمل طور آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ ان جي سڪيورٽي لاءِ بورڊ سامهون رکيو ويندو ۽ اسٽيٽمينٽ جي ڪاپي هر مالي سال جي آخر ۾ جيترو جلد ٿي سگهي حڪومت کي اماڻي ويندي.

**بورڊ جا ڪم Functions of the**

12.(1) حڪومت جي عام يا خاص هدايتن تحت بورڊ:

(a)سڄي صوبي ۾ يتيمن جي ادارتي سار سنڀال لاءِ حڪمت

| | |
|---|---|
| عملي جوڙيندو؛<br>(b)اهڙن ادارن ۾ يتيمن کي سار سنڀال جو معيار طئي ڪرڻ؛<br>(c)يتيم خانن جي انتظاميا کي يتيم خانا صحيح رستي تي هلائڻ لاءِ مشورو ڏيڻ؛<br>(d)ادارن جي نظرداري ڪرڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ ته انهن ۾ سنڀال جو اعليٰ معيار رکيل آهي؛<br>(e)يتيمن سان لاڳاپيل موزون قانون سازي ڪرڻ ۽ حڪومت کي تجويز ڪرڻ ۽ موجود قانونن ۾ ترميمن جي سفارش ڪرڻ، جيڪڏهن ضروري هجي؛<br>(f)يتيم خانن جي رجسٽريشن جي نظام جو جائزو وٺڻ ۽ ان کي بهتر بڻائڻ لاءِ طريقا ۽ مقصد تجويز ڪرڻ؛<br>(g)ٻي ڪا شئي ڪرڻ جيڪا يتيم خانن جي سڌاري لاءِ فائديمند هجي؛<br>(h)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي حڪومت طرفان ان کي سونپيا ويا هجن.<br>(2)بورڊ ڪري سگهي ٿو:<br>(a)اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛<br>(b)هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو خرچ حاصل ڪري سگهي ٿو. | Board |
| 13.ڪو به يتيم خانو هن ايڪٽ جي گنجائش کانسواءِ جاري نه رهندو يا قائم نه رهي سگهندو. | لائسنس کانسواءِ يتيم خانو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ کان منع<br>Prohibition to establish or |

continue an orphanage without license

لائسنس لاءِ درخواست

Application for license

14. (1) ڪو شخص يا ايجنسي جيڪو ڪو يتيم خانو قائم ڪرڻ چاهيندو هجي ۽ ڪو شخص يا ايجنسي ڪنهن بہ اڳواٽ موجود يتيم خاني کي جاري رکڻ چاهيندا هجن، بيان ڪيل طريقي موجب ۽ پنجاهہ رپين جي فِي جي ادائگي سان لائسنسنگ اٿارٽي کي درخواست ڏيندو، جنهن ۾ اهو ڄاڻائيندو تہ يتيم خانو جنهن لاءِ لائسنس گھربل آهي مردن لاءِ آهي يا عورتن لاءِ ۽ درخواست سان گڏ اهڙا دستاويز بہ هوندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)لائسنسنگ اٿارٽي درخواست ملڻ تي، اهڙي پڇا ڳاڇا ڪري سگھي ٿي، جيڪا اها ضروري سمجھي ۽ يا تہ درخواست کي منظوري ڪري سگھي ٿي يا سبب لکت ۾ رڪارڊ ڪرڻ بعد ان کي رد ڪري سگھي ٿي.

(3)لائسنسنگ اٿارٽي لائسنس جي منظوري لاءِ، ٻين شين سان گڏ اهو بہ ڏسندي تہ:

(i)يتيم خانو يتيمن جي رهائش لاءِ مناسب آهي؛

(ii)درخواست گذار يتيم خاني جي سلسلي ۾ ذميداري پرپور ۽ سٺي نموني نڀائڻ جي لائق آهي؛

(iii)يتيم خاني کي فنڊز جي گھرج يا اهڙين ٻين ڏکيائين کي منهن ناهي ڏيڻو. ۽

(iv)عورتن لاءِ يتيم خاني ۾ سمورو عملو عورتن جو هجڻ گھرجي.

(4)جيڪڏهن لائسنس اٿارٽي درخواست جي منظوري ڏئي

تي، اها ڄاڻايل طريقي موجب درخواست گذار کي لائسنس جاري ڪندي.

(5)لائسنسنگ اٿارٽي ذيلي دفعہ (4) تحت جاري ڪيل لائسنس جو اهڙن تفصيلن سان رجسٽر جوڙيندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| يتيم خاني جو قيام ۽ جاري رکڻ<br>Establishment and continuance of orphanage | 15. (1) ڪو بہ يتيم خانو نہ هلندو يا قائم نہ ڪيو ويندو جيستائين دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (4) تحت لائسنس جاري نہ ڪيو وڃي.<br>(2)اڳواٽ موجود يتيم خانو هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ واري تاريخ کان ڇهہ مهينن کان وڌيڪ جاري نہ رکي سگهبو، جيستائين اهڙي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن اندر دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) تحت لائسنس لاءِ درخواست نہ ڏني وڃي.<br>(3)جتي مٿي ڄاڻايل موجب اڳواٽ موجود يتيم خاني جي سلسلي ۾ درخواست ڏني وئي آهي ۽ اهڙي درخواست رد ڪئي وئي آهي، تہ پوءِ جيستائين ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ٽن مهينن جو عرصو يتيم خانو جاري رهي سگهي ٿو، جنهن تاريخ تي درخواست رد ٿي آهي ان کانپوءِ ٽيهن ڏينهن تائين يا جيڪڏهن دفعہ 17 تحت اپيل ڪئي وئي آهي ۽ اپيليٽ اٿارٽي لکت ۾ حڪم ذريعي اپيل جو فيصلو اچڻ تائين جاري رکڻ جي اجازت ڏني آهي.<br>(4)جتي اڳواٽ موجود يتيم خاني جي سلسلي ۾ لائسنس جاري ناهي ڪيو ويو بورڊ اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙا قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي. |
| لائسنس ختم ڪرڻ<br>Removal of | 16.دفعہ 14 تحت جاري ڪيل لائسنس ٻن سالن جي عرصي لاءِ ڪارگر هوندو، جيڪو پنجويهہ رپيا في جي ادائگي تي |

license

لائسنسنگ اٿارٽي طرفان وڌيڪ ٻن سالن جي عرصي لاءِ ري نيو ڪيو ويندو.

**اپيل**
**Appeal**

17. جيڪڏهن لائسنسنگ اٿارٽي لائسنس جاري ڪرڻ لاءِ يا ري نيو ڪرڻ لاءِ درخواست رد ڪري ٿي يا ملتوي يا هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل لائسنس رد ڪري ٿي ته متاثر ڌر لائسنسنگ اٿارٽي جي حڪم واري تاريخ جي ٽيهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿي ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ ان تي لائسنسنگ اٿارٽي طرفان عمل ڪيو ويندو.

**مردن ۽ عورتن لاءِ يتيم خانا**
**Orphanages for males and female**

18. مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ يتيم خانا هوندا، جيڪي جيڪڏهن ضروري هجي ته ساڳي انتظاميا جي انتظام هيٺ رهڻ ڏنا ويندا.

بشرطيڪ ست سالن جي عمر کان گهٽ وارا ٻار بورڊ طرفان ساڳئي يتيم خاني ۾ رهڻ ڏنا ويندا.

**لائسنس رد ڪرڻ کي ملتوي ڪرڻ**
**Suspension of cancellation of license**

19. (1) جيڪڏهن ڪنهن به وقت لائسنسنگ اٿارٽي کي مڃڻ لاءِ سبب آهي ته ڪنهن يتيم خاني جي انتظاميا فنڊز ۾ گهوٻين جي ذميوار آهي يا ان جي معاملن ۾ ڪنهن هيرا ڦيري جي ذميوار آهي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن يا ان سلسلي ۾ جوڙين قائدن يا لائسنس جي ڪنهن شرط يا ضابطي تحت ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، ته اها انتظاميا کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد، جيئن اها مناسب سمجهي، لکت ۾ حڪم ذريعي لائسنس ملتوي يا رد ڪري سگهي ٿي.

(2) لائسنس ملتوي يا رد ٿيڻ تي بورڊ يتيم خاني جي سلسلي ۾، جنهن جو لائسنس رد يا ملتوي ڪيو ويو هجي، اهڙا حڪم

جاري ڪري يا اهڙا قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

**يتيمن جو ميڊيڪل معائنو Medical Examination of orphans**

20. لائسنسي يتيم خاني ۾ داخلا کان اڳ هر يتيم جو رجسٽرڊ ڊاڪٽر کان طبي معائنو ڪرائيندو ۽ ان کانپوءِ ساليانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو معائنو ڪرائيندو ۽ يتيمن جي اهڙي طبي معائني جو بيان ڪيل طريقي موجب رڪارڊ رکندو.

**يتيمن جي داخلا ۽ نيڪال Admission and discharge of orphans**

21. (1) لائسنسي هڪ يتيم جي يتيم خاني ۾ داخلا يا نيڪال جي ستن ڏينهن اندر بورڊ کي اهڙي يتيم جي نالي ۽ ٻين تفصيلن کان بيان ڪيل طريقي موجب آگاهه ڪندو.

(2) بورڊ يتيم جي داخلا يا نيڪال جي سلسلي ۾ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ لائسنسي اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

**پنڻ کان بچاءُ Prevention of begging**

22. لائسنسي يتيم خاني ۾ داخل ڪنهن به يتيم کي پنڻ يا ڪنهن به طريقي عطيو يا مدد طلب يا حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندو.

**يتيم خاني جي جاچ پڙتال Inspection of orphanage**

23. بورڊ ڪنهن شخص کي يتيم خاني ۾ داخل ٿيڻ ۽ جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿو پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ته اهڙو يتيم خانو هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ۽ ان سلسلي ۾ جاري ڪيل لائسنس جي شرطن تحت هلي رهيو آهي ۽ يتيم خاني جي انتظاميا سني نموني جاچ پڙتال لاءِ ان کي سموريون سهولتون فراهم ڪندي:

بشرطيڪ ڪنهن به مرد کي عورتن لاءِ يتيم خاني ۾ داخل ٿيڻ يا جاچ پڙتال جي اجازت نه ڏني ويندي.

**اڪائونٽس جي**

24. (1) لائسنسي کي يتيم خاني جي ڪمائي ۽ خرچ جا

**مرمت ۽ جاچ پڙتال**
**Maintenance and inspection of Accounts**

اڪائونٽس سنڀالڻا پوندا اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)بورڊ يا ان طرفان بااختيار بڻايل شخص يتيم خاني جي اڪائونٽس جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ۽ اهو يا هو هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو ، جيئن ضروري سمجهي ۽ لائسنسي اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

(3)لائسنسي جڏهن طلب ڪيو وڃي سندس طرفان جمع ڪيل رڪارڊ ۽ جوڙيل اڪائونٽس بورڊ يا لائسنسنگ اٿارٽي يا ان جي نامزد ڪيل جي سامهون پيش ڪندو.

**ڏنڊ**
**Penalties**

25. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪو مدو ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2)جڏهن ڏنڊ مڙهيو ويو آهي اهڙي ڏنڊ جو پنجهتر سيڪڙو فنڊ ۾ جمع ڪيو ويندو.

**قائدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

26. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب بورڊ حڪومت کان اڳواٽ منظوري بعد هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿو.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ اهڙا قائدا سمورن يا هيٺين مان ڪجهه معاملن لاءِ فراهم ڪري سگهن ٿا، يعني:

(a)طريقو جيڪو بورڊ جي گڏجاڻين ۾ اختيار ڪيو ويندو؛

(b)بورڊ جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا؛

(c)بورڊ جي چيئرمين، سيڪريٽري ۽ ميمبرن جا اختيار ۽ ذميواريون؛

| | |
|---|---|
| (d)لائسنسز جاري ڪرڻ يا نوان ڪرڻ لاءِ درخواست جو طريقو. | |
| (e)طريقو ۽ شرط جن تحت لائسنسز جاري ڪيا ويندا. | |
| (f)يتيمن جي طبي معائني جون رپورٽون جوڙڻ ۽ داخلا جو طريقو. | |
| 27.اولهہ پاڪستان يتيم خانن جو ضابطو ايڪٽ، 1958 ان جي منسوخي، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ۽ يتيم خانن جو ضابطو (ڪراچي ڊويزن) آرڊيننس، 1958 منسوخ ڪيا وڃن ٿا. | منسوخي Repeal |
| 28.سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1976 منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1976 جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance II of 1976 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**